# سنڌ ايڪٽ نمبر LVII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.LVII OF 2013
# حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE HYDERABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)


1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1976 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي تجديد
Revival of Sindh Act No. XIII of 1976
3. 1976جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No. XIII of 1976
4. 1976جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. XIII. 1976
5. 1976جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No. XIII of 1976
6. محفوظ بنائڻ
Saving.

# سنڌ ايڪٽ نمبر LVII مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.LVII OF 2013
# حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE HYDERABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19 ڊسيمبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون جي تجديد ۽ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هائوسنگ انڊسٽريءَ کي هٿي ۽ ترقي ونرائي ۽ صوبي جي عوام کي اجهو مهيا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ حيدرآباد ڊولپمينٽ ايڪٽ، 1976 جي هن هيٺ ڄاڻايل نموني سان تجديد ۽ ترميم ڪئي وڃي.

جنهن کي هن ريت جوڙي لاڳو ڪجي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم)، ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1976 جي سنڌ ايڪٽ

2. حيدرآباد ڊولپمينٽ، 1976، 2002 جي جولاءِ جي

پهرين ڏينهن کان اهڙي ريت تجديد ٿيل سمجهيو ويندو جيئن اهو ڪڏهن بہ مٿايو ۽ ورجايو نہ ويو آهي ۽ هن کان پوءِ انهيءَ کي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو.

نمبر XIIIجي تجديد جي ترميم
Revival of Sindh Act No. XIII of 1976

3. ايڪٽ جي دفعہ 2 جي شق(e)کان پوءِ هيءَ نين شق شامل ڪئي ويندي.

"ee" "ڪنساليڊيشن" آف لنڊ جو مطلب آهي تہ اسڪيم جي مقصدن لاءِ اسڪيم جي پلاٽن کي متاسنا يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مطابقت ۾ آڻڻ.

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No. XIII of 1976

4. دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺينءَ ريت نعم البدل ٿيندو:

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. XIII of 1976.

"(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (a) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ، سنڌ جو وزير. | چيئرمين. |

| | |
|---|---|
| (b)سرڪار طرف نامزد ٿيل صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ مقامي ميمبر. | ميمبر |
| (c)لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ، سنڌ ،جو سيڪريٽري. | ميمبر |
| (d)حيدرآباد جو ڪمشنر. | ميمبر |
| (e)حيدرآباد جو چيف انجنيئر | ميمبر |
| (f) حيدراآباد ڊولپمنٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل. | ميمبر / سيڪريٽري |
| (g) سرڪارطرفان نامزد ٿيل ٻه ماڻهو هڪ ٽيڪنوڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي. | ميمبر |

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No. XIII of 1976

5. هن ايڪٽ جي دفعه 9، جي ذيلي دفعه (I)جي شق (iii) کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي:
”(ii_a) ڪنهن زمين کي اهڙي ريت مربوط ڪرڻ جيئن قائدن ۾ بيان ڪيو ويندو“.

محفوظ بنائڻ
Saving.

6. 2002 جي جولاءِ جي پهرين تاريخ ۽ هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ (ٻنهن ڏينهن سميت) ڪيل سمورا حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل، ورتل قدم پر اهي ڪنهن ڪورٽ جي

حڪم خلاف نہ آهن تہ پوءِ سمجهيو ويندو تہ اهي ليارِي ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 مطابق درست قدم کنيا ورتا ۽ ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا فورم تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ : ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**